# علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ سندس ادبي خدمتون

## LIFE AND WORKS OF ALLAMA I.I. KAZI

**Dr. Abdul Ghafoor Memon,**
Associate Professor, Department of Sindhi, Karachi University

**ABSTRACT**

This article has been written to find out significance of the life and works of Allama I.I. Kazi. Allama I.I Kazi was the Philosopher and Educator of international caliber, he was founder Vice Chancellor of the University of Sindh, and a lover of Quran Majeed and Shah jo Risalo. It was the time when philosophies of Materialism and atheism were widely inspiring to modern thinkers and creative writers across the Globe. But Allama was deeply inspired by the classical message of Love and hopeful life. He preached throughout his life to the classical cause of life. He was the man of integrity and high character. People who are high educated, love to his life, character and philosophy.

ڪجھ شخصيتون عظيم پيدا ٿينديون آهن، ڪي شخصيتون محنت ۽ جدوجهد ڪندي عظمت ماڻينديون آهن ۽ ڪجھ شخصيتن تي عظمت مڙهي ويندي آهي.

علامہ صاحب جي شخصيت جي عظمت سندس سچي زندگيءَ جي محنت جو ثمر آهي. سندس شخصيت جو منفرد مقام جنهن ڪيس قداور بڻايو ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ فخر جو باعث بڻايو. اهو صرف هي آهي تہ هيءَ شخصيت صرف لفظن جي جادوگر نہ هئي نہ هن وٽ کوکلا نعرا هئا نہ وري هن ڪڏهن سنڌ جي قديم عظمت تي هنبوڇيون هيون هي عملي شخص دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي عظيم فلسفين ۽ ڏاهن سان ڪلهوڪلهي ۾، اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائي سگهيو ٿي. هن جو رويو علم ڏانهن ۽ هر عمل ڏانهن حقيقت پسنديءَ وارو هو. هي مغرب ۽ مشرق جي تهذيب ۽ فلسفي جو ڳانڍاپو هو.

علامہ صاحب لاءِ اي ڪي بروهيءَ جا لفظ تہ: ”جيڪڏهن مون کي هڪ لفظ ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي شخصيت جي تشريح ڪرڻي پوي تہ مان چوندس



(Integrity) سچائي، ايمانداري، ڪليت يا جامعيت، وحدت مڪمل، يا Perfect.

علامہ صاحب جنهن جو پورو نالو امداد علي ميان امام علي انصاري هو سندس ولادت 9 اپريل 1886ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿي.پر عام ماڻهن ۽ درسي ڪتاب سنڌي نصاب (لازمي) نائين ڪلاس لاءِ ۾ لکيل آهي، تہ علامہ صاحب جو جنم دادو ضلعي جي تاريخي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ ٿيو پر سائين جي ايم سيد ۽ اي ڪي بروهي جن سندس جنم حيدرآباد لکيو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ علامہ صاحب جو پيءُ ميان امام علي روينيو کاتي ۾ سرڪاري ملازمت سانگي پاٽ مان لڏي اچي حيدرآباد جي شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي اُتي ڄائو هو.

سندس اصل وڏا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا هئا پاٽ جو ڳوٺ 603هہ ۾ ٻڌو ويو هوءِ ان جو اصل نالو پاٽر هو.

علامہ صاحب جو هڪ ڀاءُ ۽ ٽي ڀينرون هيون. سندس ابتدائي تعليم آخوند عبدالعزيز وٽ گهر ۾ ٿي، جيڪو سندس والد صاحب خاص سندس تعليم لاءِ مقرر ڪيو هو. آخوند صاحب وٽ هي قرآن ۽ فارسي پڙهيو. ڏهن سالن کانپوءِ کيس اسڪول داخل ڪرايو ويو پر کيس اهو ئي آخوند عبدالعزيز وٺي ايندو هوءِ ڇڏڻ ويندو هو انهي ڪري جو سندس والد جو خيال هو تہ ننڍڙو امداد ٻين ٻارن سان اصل نہ ملي، نہ گهٽيءَ ۾ راند ڪري، نہ وري سنگت ساٿ جي محبت ۾ رهي.

1904ع ۾ علامہ صاحب خانگي طرح سنڌي فائنل جي تياري ڪري امتحان ڏنو ۽ پهريون نمبر ڪنيائين. 1905ع ۾ خانگي طور مئٽرڪ جو امتحان ممبئي مان پاس ڪيائين. 1906ع ۾ عليڳڙهہ ڪاليج ويو جتي ڪجھ وقت رهيو. 1907ع علامہ صاحب جو ماماٽ ميان محمد عبدالقادر ولايت ڏي پڙهڻ لاءِ ويو ٿي علامہ صاحب بہ انهيءَ سان گڏ جي روانو ٿيو اتي خانگي طرح ايڪانامڪس ۾ تعليم ورتائين. 1909ع لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ داخل ٿي ڊاڪٽر ڪئنٽ وٽ پڙهيو.

ڪنگس ڪاليج لنڊن ۾ ڊاڪٽر برائون وٽ علم نفسيات پڙهيوءِ فلسفووري ڊاڪٽر آرنولڊ وٽ پڙهيو قاضي صاحب اتي خانگي طرح فزڪس، بائيولاجي جي بہ تعليم حاصل ڪئي.

1910ع يعني 24 سالن جي عمر ۾ جرمنيءَ ۾ سندس شادي ايلسا سان ٿي. سائين جي.ايم. سيد جي لکڻ مطابق تہ علامہ صاحب جون ہہ اڳ بہ شاديون ٿيل هيون.

قاضي صاحب 1911ع کان 1951ع تائين سنڌ ۽ لنڊن ۾ مختلف وقتن تي

رهيو ڪڏهن لنڊن ته ڪڏهن سنڌ ۾. پاڻ 1911ع ۾ لنڊن مان بئريسٽريءَ جي ڊگري پڻ ورتائون. 1932ع — 1933ع ۾ شيخ گوما کان لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ عربيءَ جي تعليم ورتائون.

نوڪريون:

1919ع ۾ علامه صاحب ڪجھ وقت ٽنڊي محمد خان ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. ڪجھ عرصي لاءِ خيرپور رياست ۾ سيشن جج ۽ رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جوھوم ميمبر ٿي رهيو. انگلينڊ ۾ لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ سنڌي زبان جو استاد ۽ ممتحم ٿي رهيو. ڪجھ وقت حيدرآباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿي رهيو.

1924ع ۾ انگلينڊ ۾ "Poetry Society" جو قاضي صاحب نائب صدر چونڊيو ويو. ان عهدي تي 1943ع تائين رهيو. 1929ع ۾ انگلينڊ جي فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو لائيف فيلو مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان اسڪول آف ٿاٽ جي هڪ مئگزين ۾ "فلسفو ڇا آهي؟" مضمون لکيو هئائين جيڪو "مسز وهيلر" جي جواب ۾ هو. اهو مضمون لکڻ سان ڪيس تاحيات ميمبر ڪيو ويو.

قاضي صاحب 1929ع کان 1932ع تائين لنڊن ۾ "جمعيت المسلمين" نالي هڪ تنظيم ناهي جنهن ذريعي اسلامي تبليغ جو ڪم ڪيو.

1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو.

ادبيءَ تحقيقي ڪم:

برنارڊشا جومشهور ڪتاب "ڪاري ڇوڪري حق جي ڳولا ۾" جي جواب ۾ پاڻ هڪ ڪتاب لکيائين "يوري ڇوڪري حق جي ڳولا". "Adventures of Brown girl in search of God". يوري ڇوڪري پنهنجي تلاش دؤران اهڙين وارداتن مان گذرندي پنهنجي گوهر مقصود تائين پهچي ٿي. هن ناول ۾ تهذيبن ۽ تمدن جا مکيه دؤر ۽ انهن جا عروجۂ زوال جا اهڃاڻ ۽ اهم فڪر مشاهدي ۾ آيل آهن يوري ڇوڪري آخر حق جي حتمي منزل ماڻي ٿي.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ حالتون سازگار نه ڏسي انگلينڊ هليوويو. اپريل 1951ع ۾ دوستن جي زور ڀرڻ تي وطن موٽي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. جڏهن ايوبي مارشل لا لڳي ته هڪ اهلڪار رجسٽرار سان بدتميزي ڪئي ۽ علامه صاحب احتجاجن استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. اهو 1959ع جو دؤر هو.ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ صلاحڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪندا رهيا ۽ شاه لطيف جو رسالو ترتيب ڏنائون.

شاه صاحب جو رسالو علامه صاحب مختلف طرح ترتيب ڏنو جو هن جو



خيال هو ته هر سُر جنهن ترتيب سان شاه صاحب چيو هو ان مطابق ترتيب ۾ رکجي. سندن خيال هو ته سُر سهڻي آخري سُر آهي ان ڪري سندن رسالي ۾ به سُر سهڻي آخري سُر آهي.

سندس ٽيون مشهور ڪتاب Casual peeps at Sophia آهي. هن ڪتاب ۾ سندس انگريزي مضمون ۽ تقريرون شامل آهن. جنهن جو مقدمو اي ڪي بروهي لکيو هو. اي ڪي بروهيءَ جي باري ۾ چوندا آهن ته سندس سڀ کان ويجهو ۽ پسنديده شاگرد هو.

ان کان علاوه سندس بيشمار خط جيڪي مختلف وقتن تي مختلف دوستن کي لکيا ويا آهن ادبي حيثيت رکن ٿا. خاص طور سان سائين جي.ايم. سيد کي لکيل خط، قاضي فيض محمد ڏانهن لکيل خط ۽ مختلف ادبي تنظيمن ڏانهن لکيل ادبي خط وغيره.

علامه صاحب جناح ڪورٽس ڪراچي جي مسجد ۾ پيش امام ٿي جمعي جو خطبو پڙهندو هو. سندس خطبو ٻڌڻ لاءِاستاد، عالم توڙي شاگرد اچي گڏ ٿيندا هئا، ان کان علاوه ۽ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۾ وائيس چانسلري دوران به پاڻ خطبا ڏنائين. سندس خطبن ٻڌڻ وارن ۾ سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، اي ڪي بروهي، غلام رباني آگرو وغيره به شامل هئا.

علامه صاحب جو فڪر:

علامه صاحب عام روايتي عالم نه هو بلڪ سندس فڪر پختو ۽ عملي هو. هي واحد سنڌي ماڻهو آهي جنهن کي تاريخ ۾ هڪ فلسفيءَ واري حيثيت حاصل آهي. هونئن ته فلسفي ۾ گهڻن ڪم ڪيو آهي پر هي باقاعده Recognize فلسفي هو ۽ يورپ وارن به ڪيس مڃيو هو.

سندس عملي صلاحيت ۽ اڀياس ايترو هو جو دنيا جو ڪو به علم، مذهب، عالم، فلسفو رهيو ڪونه هو. ڪيس يورپ، يونان، هندو مت، اسلام،دنيا جون تهذيبون ۽ تاريخ تي پورو عبور هو. سندس تحريرون اسان جي سامهون انبارن جي صورت ۾ نه ٿيون اچن پر جيڪي به لکيل آهن اهو معياري (Qualitative) آهي. صرف سندس هڪ ڪتاب "Casual peeps of Sophia" ۾ سندس مضمون ۽ تقريرون پڙهي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته علامه صاحب ڇا هو هڪ بهترين تنقيدنگار، تحقيق نگار ۽ صوفيءَ جي تصوير اڳيان اڀري ٿي.

علامه صاحب بنيادي طرح سيڪيولر ماڻهو هو. سندس اڀياس هر مذهب جو هوسندس چوڻ هو ته واحد اسلامي مذهب آهي. جيڪو سڀني مذهبن کي تسليم ٿوڪري پاڻ مذهب جوروح انسانيت کي سمجهندا هئا. عام طور سان

ماڻهن جو خيال آهي تہ علامہ صاحب مُلو هو پرمُلو جو تصور ڪيڏو وحشي تنگ نظر ۽ جنونيت وارو آهي، علامہ صاحب جو مثال آگري صاحب پنهنجي ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ ۾ ڏنو آهي تہ جڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽي جا وائيس چانسلر هئا تہ ڪنهن مذهبي جنونيءَ اولڊ ڪيمپس (نووديا نيد اسڪول) جي باني هندو نيڪ مرد جي سماڌي کي نقصان رسايو علامہ صاحب انهيءَ تي ڏاڍي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو۽ تيسين قرار ڪونہ آيس جيسين ان سماڌيءَ جي مڪمل مرمت نہ ڪرايائين.

مطلب تہ هن وٽ مذهب جو روح ظاهري ملن وارو نہ هو بلڪ هو اسلام جو روح، انسانيت رواداري، علم، ۽ انصاف، پيار کي سمجهي ٿو. خاص طور سان سندس ڪتاب ”Casual peeps at Sophia“ ۾ سندس ويچار اهي هئا تہ علم ئي انسانيت جي راهہ ڏيکاري ٿو. ڪردار، پاڪائي، صفائي، قرباني، حقيقت تي گهڻو زور ڏيندي هو روحاني سطح تي ماڻهو جي پختگي ڏسڻ چاهي ٿو.

ڪيس سنڌي ماڻهن ڪان شڪايت هئي تہ هي وقت وڃائين پيا. سندن چوڻ هو تہ وقت سڀ ڪان وڏي امانت آهي ۽ انجو زيان وڏي ۾ وڏي خيانت آهي چوندا هئا تہ وقت کي ايئن بي قياسيءَ مان وڃائڻ ڪان بهتر آهي تہ بنا معاوضي ڪنهن جي ٻني وڃي ڪيڙ جي، هر هلائجي باغباني ڪجي پورهئي ۾ ڪنهن جو هٿ ونڊائجي ايمانداريءَ سان اها بيگر ئي وهجي تہ جيڪر نرواڻ ملي وڃي. هن جو خيال هو تہ جياپي جي سچي لذت سيڪس (Sex) ۾ نہ پر محنت ۾ آهي.

چوي ٿو حيرت آهي تہ ماڻهو سوچين نٿا، ماڻهو ٻڌن نٿا مطلب تہ ”They want to hear not to listen“ چوندو هو سچ پڇيو تہ اسان کي ڪنهن بہ قسم جي تفريح جو ڪو حق ئي ڪونهي آخر اسان ڪهڙو ڪارنامو ڪيو آهي. ڪهڙي مقدس مشقت ڪئي اٿئون. ڪهڙي منزل سر ڪئي اٿئون ڪهڙو ماڳ مقام ماڻيو اٿئون، جو مُڇون ٿا وٽيون، ٺهڪ ٿا ڏيون، ۽ تفريح ٿا ڪيون اها سڀ ڪوڪلائپ آهي جي نہ اهو سڀ ڪجهہ نہ هلندو.

علامہ صاحب جڏهن خاص طور سان سنڌ ۾ سياسي ڪلچر کي پسند نٿي ڪيو سندس چوڻ هو تہ اها سياست ناهي جو درسگاهہ ۾ ڪلاس جي پرسان قادر قلندر مست جا نعرا هڻجن جهنگلين وانگر واڪا ڪري هڪ ٻئي کي سڏ ڪجن، ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪجي، استادن سان بدتميزي ڪجي، علمي ادب ادارن جي تقدس جي پائمالي ڪجي چا انهيءَ سان اسان ترقي ڪنداسين، اسان روز عجيب اداڪاري ۽ صداڪاري ڪريون ٿا اسان کي ڪير ڪهڙي ٻولي ۾ سمجهائي تہ اسان جاهلاڻي حرڪتون ڪري زوال ڏانهن پيا وڃون. انهن نوجوانن تي ماتم



ڪرڻ گهرجي، جن کي امتحان بہ ڏکيو ٿو لڳي جڏهن تہ زندگي سڄو ڏکيو امتحان آهي.

سنڌين جي صورتحال تي سخت پريشان رهندو هو چوندو هو تہ ”هي ويهين صديءَ ۾ ڇا ڪندا؟“ نہ صنعت نہ تجارت ۽ نہ ئي وري قومي ايڪو اتحاد بس هڪ ٻئي خلاف محاذ آرائي، حسد، مَر سهپ، ڇا ٿيندو شايد آخر وڃي ڳوٺ وسائيندا ۽ ٻهراڙي مان ڏڌ آڻي شهر ۾ وڪڻندا؟؟

علامہ صاحب جي مابعد الطبعيات ۽ فڪر:

علامہ صاحب ڪائنات جي ڪليت تي يقين رکندو هو. هن جو خيال هو تہ جنهن کي اسان مادو چئون ٿا، اهو مادو بہ ڪائنات جي مختلف عنصرن مان هڪ عنصر آهي، هن عنصر جي خاصيت آهي. مسلسل حرڪت عام طور سان اسان مادي کي نوس سمجهيو ويندو آهي، پر جديد سائنس ۾ مادو ڳري لوڻ ٿي ويو آهي. مادوڪڪر بہ آهي تہ هوا بہ آهي مادو هئڊروجن گئس بہ آهي جيڪا هلڪي ۾ هلڪي آهي انهيءَ ڪري مادو طبعي تہ هرگز ڪونهي خود اليڪٽران کي توهان ڇا چوندا جيڪو مسلسل حرڪت ڪري ٿو يعني توهان انکي فعلي توانائي چئويا مخفي توانائي جو نالو ڏيو يعني مادي جو تصور اسان وٽ غلط آهي. مادو خود توانائي جي شڪل آهي ۽ اها شڪل ڪنهن آفاقي توانائيءَ جوهڪ حصو آهي.

مادي جون خاصيتون ۽ روح جون خاصيتن ۾ هڪ جهڙائي بہ آهي.اها آهي حرڪت ۽ پئدائش (هتي علامہ صاحب ٿيسز، اينٽي ٿيسز ۽ Synthesis جي ڳالهہ ڏانهن اشارو ڏي ٿو.

جيئن وڻ جون پاڙون وڏي وڻ کي مضبوط ڪن ٿيون تيئن انسان جي روح جي سرگرمي وڌندي آهي، تہ علم حاصل ٿيندو آهي. علم هڪ حرڪت جي شڪل آهي. سوچ، لوچ، گيان هڪ قسم جي حرڪت آهي ۽ ڏيان وري هڪ قسم جو روحاني سڪونت آهي.

هڪ جينئس (Genius) ماڻهو انهن سيني ڪيفيتن مان گذرندو آهي تہ هو تجسس، حيراني، لوچ، حرڪت ڪان علم واري صورتحال ڏانهن وڃي ۽ وري ڏيان حاصل ڪري ۽ پنهنجي روح کي ٺانيڪو ڪري.

هر شيءَ جي پنهنجي خصوصيت هوندي آهي. اها خصوصيت جانورن، وڻن، ٻوٽن ۾ جبلي آهي، پر انسان ۾ جبليت ڪان بالاتر آهي. اها خاصيت آهي، پنهنجي ذات جو شعور جنهن مان انفراديت جو احساس ٿئي ٿو اهو احساس ڇو ٿئي ٿو؟

ڊيسڪارٽ چيو هو ”I think therefore I am“ پر علامہ صاحب چوي ٿو ”I

"I suffer i.e. I am nay, I suffer therefore I am" چو تہ شعور اچڻ سان ماڻهو انسان ڏانهن سفر جو قدم کڻي ٿو، پر خود سوچ ۽ لوچ هڪ قسم جي پيڙا آهي، پر انهيءَ ۾ ئي اسان جي اشراف هئڻ جو راز سمايل آهي. عام طور سان چوندا آهن. زندگي ڏک سان ڀريل آهي، پر علامہ صاحب جو چوڻ هو زندگي ڏک سان ڀريل نہ پر آهي ئي ڏک.

Life is not full of suffering but is "suffering" "Passion" P:3 (casual peeps at Sophia)

جڻاءُ ڪرڻ معنيٰ ڀوڳڻ، سهڻ جيستائين جياپو آهي تيستائين ڀوڳنا ۽ پيڙا آهن.

وجود آهي ڇا؟ ڪنڀار جي چڪ تي بيشمار چڪر ڪائڻ يا واڍي جي هٿان وڍجڻ ۽ گهڙجڻ يا لوهار جي سنداڻ تي متر‌ڪا ڪائڻ. اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن شيءِ کي وجود ڏئي ٿو.

سوال اهو آهي تہ اهڙن سورن وارني زندگي ڇو آهي؟؟ دراصل اها هڪ ٻجهاندر ڳالهڙي آهي. عاشق جي دل ۾ ڇهنڊڙي پوي اهو خود انهيءَ جي تمنائي هوندو آهي.

سورائتي سڌ، ڪري سڌ سورن ڪي،
سورن ڀڳس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سين.
يا
نير منهنجو نينهن اُجاري اڇو ڪيو.

پر وجود جو ساجاهہ وند حصو يا سفر سورن کان سواءِ جي سوادي آهي، جانور ۾ ۽ ماڻهو ۾ اهو تہ فرق آهي جو ماڻهو سورنۂ ڀوڳنائن کي جمالياتي رُخ بہ ڏئي سگهي ٿو انفرادي ذات جي آگاهي کان اجتماعي رنگ ۾ رنڱجي سگهي ٿو.

هندستان دنيا ۾ روحاني علمن جي سڃاڻپ رکي ٿو ۽ مان سمجهان ٿو تہ جيڪا طاقت اندر مان پيدا ٿي. ٻاهر اچي ٿي اها ئي عوام کي مٿي کڻي سگهي ٿي. اها ئي عالمي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن ڪا قوت ٻاهران اچي اندر ۾ رهي تہ اها تحريڪ جڻاءُ نہ ڪندي ڪيترو بہ تحريڪ ترقي پسند هجي پر ان لاءِ داخلي حالتون وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ٿي سگهي ٿو تہ خارجي حالتون نامناسب هجن ۽ تحريڪ ڪجهہ عرصي لاءِ ملتوي ٿي پوي يا مقبول نہ ٿي سگهي پر ان جو وقت اچڻو آهي.

هندستان جو مستقبل اجان اڳتي آهي، هندستان جي وڏن ماڻهن جو فرض آهي تہ اهي پنهنجي اصلي ۽ صحيح ڪردار جي ساڃهہ حاصل ڪن ۽ مستقبل جي ذميوارين جو پورو فهم حاصل ڪن. ۽ مادي تحريڪن جو بہ مڪمل



فائدو وٺڻ گهرجي. عوام کي ايترو مٿي کڻي اچڻ گهرجي جو اهي طبعي ۽ فڪري قوتن جي اهميت کي بہ محسوس ڪري سگهن. هندستان جي ماڻهن جو ڪردار زياده تر باطني يا اندروني آهي ان ڪري جڏهن مادي جذبو روحاني ترقيءَ جو خواهشمند ٿئي تہ پوءِ ان کي بهتر ادا ڪرڻ گهرجي. مطلب تہ زندگي هڪ فطري ڪل آهي. روحانيت ۽ماديت جي هر طرح سان اوسر ٿيڻ گهرجي بلڪل ائين جو هڪ ولي کي بہ ڪاڏي ڪائڻ ۽ ننڊ جي ضرورت پوي ٿي.

علامہ صاحب جو ڪردار:

علامہ صاحب اندر ۽ باطن ۾ هڪ جهڙو صاف شفاف شخصيت جو مالڪ هو ڪنهن کي ڪڏهن بہ ڪا تڪليف ڏيڻ نہ چاهيندو هو. روايتي طور شرميلو سنڌي نوجوان هو تڏهن لنڊن ۾ غلط ريل جي گاڏيءِ ۾ چڙهي پيو هو ان گاڏي ۾ هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري اڪيلي ويٺي هئي علامہ صاحب هڪدم پٺ ڏئي دروازي ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيو، خوبصورت دوشيزه ڪيس ڇيو تہ اچي ويهي رهو پر پاڻ چيائين "سائڻ معاف ڪجومان ڀُل ۾ هن گاڏيءَ ۾ چڙهي پيو آهيان." اها حسينا ايتروتہ ان نوجوان کان متاثر ٿي جو آخر ساڻس پيار جا پيچ اڙايا. اها دوشيزهہ امڙ ايلسا قاضي هئي. جنهن اڳتي هلي سنڌ جي سرزمين جي مٽي ۾ رنڱجي شاهہ صاحب جي شاعريءَ جو ترجمو ڪيو ۽ علامہ صاحب جو ساٿ سڄي زندگي نڀايو.

علامہ صاحب خوددار هو ڪنهن جو تحفو بہ قبول نہ ڪندو هو هڪ دفعو سندس پيڻ ڪيس ڇيو تہ مون کي اجازت ڏيو تہ اچي توهان جي خدمت ڪيان تہ ڪيس ڇورائي موڪليائين تہ اسان وٽ وڌيڪ ڪمرو ناهي جو توهان کي رهايان. پيڻ ڇيو تہ آئون ڇا ڪنديس ڪمري کي، آئون تہ توهان جي خدمت ڪرڻ ٿي چاهيان ڪنهن پاسي ڪُنڊ ۾ پئي هونديس پر ڪيس اجازت نہ ڏنائينس. پاڻ اڪيلائي پسند هئا پر ايلسا سان ڳڏ ائين رهندا هئا جو ٻئي ڄڻ هڪ ٻئي جي وجود جا حصا هئا. وقت جا پابند وري ايترا جو ڪڏهن بہ ڪٿي هڪ منٽ بہ دير سان نہ پهتا. سندس گهر ۾ نہ سرڪاري فرنيچر، نہ ايئرڪنڊيشن، نہ وري ڪي ٺاٺ ٻاٺ هئا. سادو ڪائڻ ۽ سادو رهندا هئا. هميشہ سوٽ، بوٽ ۽ ٽاءِ ۾ ڪڏهن انگريزي ٽوپ نہ پائيندا هئا.

ڪڏهن بہ هلڪي سلڪي ڳالهہ نہ ڪندا هئا سندس ملڻ وارا چون ٿا تہ هن شخص ڪڏهن ڪنهن جي گلا غيبت نہ ڪئي. ڄڻ تہ هن زماني جو ماڻهو ئي نہ هو.

سياست جي موضوع تي گفتگو ڪرڻ کان دانستہ گريز ڪندو هو ون يونٽ تي تبصري آرائي ڪونہ ڪندو هو. سندس گفتگو جا موضوع مذهب،

فلسفو، سائنس، تاريخ هوندا هئا.

علامہ صاحب ڪنهن جو ٿورو ڪڻڻ نہ چاهيندا هئا. هڪ دفعي غلام رباني آگري علامہ صاحب ۾ ڪڪڙ تازن آنن لاءِ ڏياري موڪلي پر ٻئن ڏينهن ۾ ڪنهن بهاني سان واپس ڪيائين.

آگري صاحب جو چوڻ آهي تہ علامہ صاحب باقاعده پنج وقت نماز ڪونہ پڙهندوهو چو جو هڪ دفعو وٽس وينا هئاسين تہ غلام مصطفيٰ قاسمي ڪيس سانجهي نماز جي وقت وضو لاءِ پاڻي ۽ مصلو گهريو علامہ صاحب پاڻ اٿيو پاڻي جو ڪُرو آندو ۽ مصلو وڇايائين وري پاڻ اچي اسان سان گڏ ڳالهين ۾ وينو.

وري جتوئي صاحب وضاحت ڪئي آهي تہ علامہ صاحب سانجهيءَ ۽ سومهڻي جون نمازون گڏ پڙهندو هو. علامہ صاحب موٽر استعمال ڪونہ ڪندو هو بلڪ بگيءَ ۾ چڙهي ڊيوٽي تي ايندو هو.

ائين بہ نہ هو تہ علامہ صاحب ڪو سنڌ جي ڪلچر ۽ ٻولي يا نفسياتي ساخت کان ڪٽيل هو بلڪ ڳالھ ڳالھ ۾ پهاڪا، تشبيهہ ۽ استعارا استعمال ڪندو هو.

**علامہ صاحب جا همعصر سنڌس ملڻ وارا:**

علامہ صاحب جا شاگرد، دوست ۽ ملڻ وارا تمام گهڻا هئا. پر ڪي خاص نالا هي آهن:

1. جي ايم سيد
2. رسول بخش پليجو
3. اي ڪي بروهي
4. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
5. علي نواز حاجن خان جتوئي
6. غلام رباني آگرو
7. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
8. مخدوم طالب المولىٰ
9. ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو
10. سائين غلام مصطفيٰ شاهہ
11. محمد ابراهيم جويو
12. پير علي محمد راشدي
13. پير حسام الدين راشدي[7]
14. محمد ايوب کهڙو



هڪ دفعو مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا صادق کڏي وارو بہ ساڻس ملڻ آيا هئا. مولانا ابوالڪلام آزاد بہ ساڻس مليو هو ۽ سندس ليڪچر جناح ڪورٽس ۾ ٻڌو هو سندس پنيان جمع نماز بہ پڙهي هئي. گرامي صاحب جو چوڻ آهي تہ مون علامہ صاحب وٽ هندوستان جي صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جو هڪ خط ڏٺو هو. جنهن ۾ لکيل هو "جيڪي گهڙيون اوهان جي صحبت ۾ گذريون سي منهنجو عزيز ترين سرمايہ حيات آهن."

سڀ علامہ صاحب کان متاثر هوندا هئا سندس شخصيت جي سحر ۾ گم ۽ سندس اڳيان ڪُڇي نہ سگهندا هئا.

علامہ صاحب جي شخصيت جي نفسياتي چنڊڇاڻ:

علامہ صاحب سان ائين ٿيو هو اهڙي صورتحال ۾ سڄي زندگي سنجيدگي ۾ ۽ فارمولي واري زندگي جا عنصر نمايان ملن ٿا. ان کان علاوه ڳنڀيرتا، شخصيتي سحر ماڻهو کي هڪ ڪول ۾ قيد ڪري ڇڏيندو آهي. اهو ماڻهو رومانيت ۽ جماليات کان هٽي هر وقت ڳنڀير مسئلن تي سوچڻ لڳندو آهي. ماڻهو کي سدائين جوان رکڻو آهي تہ ان جي اندر جي ٻار کي مرڻ نہ ڏيو پر علامہ جهڙو ٻار تہ پيدا ئي ڪونہ ٿيو.

ان کان پوءِ هڪ جينئس ڏاهي ماڻهو ۾ وجود جي اڪيلائي، وڏو مسئلو هوندو آهي. علامہ صاحب جي علمي حيثيت ۽ قدآور شخصيت ڪيس اڪيلو بنائي ڇڏيو، جيڪڏهن علامہ صاحب زنده رهيو تہ اهو ڪمال سنڌس ساٿي ايلسا قاضي جو آهي. ٻيو سندس ڪجھ چاهيندڙ شاگردن جو آهي، جن سان ملي هو شخصيت جي اڪيلائي مٽائي ڇڏيندو هو، پر پاڻ جيئن عمر ۾ وڌندو رهيو تہ سڀ سندس جونيئر ساٿي ٻڇي پيا هن اڳيان ڳالهائي سندس ذهني فريڪونسي کي ڇهي نہ پئي سگهيا. ويتر جو ايلسا وڇڙي ويئي تہ صفا اڪيلو ٿي پيو.

هڪ جينئس ڏاهوماڻهو دنيا جي ڪائنات جي مسئلن ۾ محو هوندو آهي. هن لاءِ ننڍا مسئلا ۽ ننڍيون ڳالهيون اهميت نہ رکنديون آهن. تنهن ڪري ٻڙ جي وڻ وانگر نہ پر ڪجيءَ جي وڻ وانگر اڪيلو مضبوط وڌندو ويندو آهي. آئنسٽائين لاءِ اهو مشهور ڳالھ آهي، تہ ڪيس پئسا ڳڻڻ بہ نہ ايندا هئا. هڪ دفعو بس ۾ ڪنڊڪٽر ڪيس پئسا بقايا ڏنا تہ چيائين تو گهٽ پئسا ڏنا آهن، پر سندس زال ڳڻيا تہ پئسا پورا هئا.

سو علامہ صاحب لاءِ آگري صاحب لکيو آهي تہ "هڪ دفعو باغ ۾ مئل ڪانگ کي ڏٺائين جنهن جو پيٽ خالي هو هڪدم چوڻ لڳو ابا اسان نوڪر کي پئسا ڏيندا آهيون تہ بازار مان گوشت پڪيءَ جو وٺي اچ تہ نوڪر اسان کي

ڪانگ ڪُهي پيو ڪارائي“ هو حيران ٿي ويو، علامہ صاحب جي ان ڳالھہ تي ”چيم سائين ڪانگ حرامي پکي آهي، نوڪر ڪي جهلڻ ئي نہ ڏيندو.“

علامہ صاحب لاءِ نازڪ مزاجي وڏو مسئلو هو گوتم ٻڌ وانگر شيش مهل ۾ پلجي وڏو ٿيو هو ۽ وري اڪيلائي ڏاهپ جا ڏنگ، سندس زال جي وفات ڪانپوءِ بہ ٽيبل تي سندس زال جي پليٽ رکي ويندي هئي چوندو هو موت ۽ حيات ۾ هڪ پردو ئي تہ آهي.

هڪ دفعو چيائين تہ ”ابا قرآن ۾ آپگهات جي منع آهي؟“

آگري صاحب لکيو آهي تہ پاڻ چوندو هو:

”ڪو موٽر وارو دوست هجي جو درياءُ تي هلي اسان کي ڇڏي اچي. درياءُ جو پاڻي ڏاڍو ٿڌو ۽ مٺو هوندو جيڪر منجهس گهڙي سمهي پئجي.“

علامہ صاحب آخر ۾ سهڻي سر جو مطالعو زياده ڪندو هو جو سندس خيال هو تہ سر سهڻي شاهہ صاحب جو آخري سر آهي ۽ شاهہ جي فڪر جي اوسر ۽ ارتقا جي انتها آهي.

گهڙو ڀڳو، منڊ مئي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

علاه صاحب ڏاهپ ۽ فڪر جي اهڙي نڪتي تي پهچي چڪو هو جو موت ۽ زندگي ان لاءِ هڪ ئي سڪي جا بہ پاسا هئا. بس دنيا ئي جواز ڳولڻ لاءِ ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، جو ماڻهو سندس طبيعت جي مايوسي ۽ اڪيلائي جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. چوندو هو ايلسا کي گردن جي بيماري هئي ان ۾ ماڻهو ڪوما ۾ بہ هليو ويندو آهي ۽ مون کي بہ گردن جي بيماري آهي مان نٿو چاهيان تہ ڪنهن تي بوجھ بڻجان پر سندس ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ علامہ صاحب کي گردن جي بيماري ڪانہ هئي. انهيءَ جومطلب تہ ايلسا کي هو پنهنجي وجود جو حصو سمجهندو ۽ انهيءَ جي بيماري سندس وجود جي بيماري محسوس ڪندو هو.

پاڻ 13 اپريل 1968ع تي وفات ڪيائين سندس مزار سنڌ يونيورسٽي ۾ آهي.



## حوالا

1. Allama I.I. Kazi “Casual peeps at sohpia”, Sindhi Adabi Board Hyderabad 2nd edition
2. آگرو غلام رباني ”جهڙا گل گلاب جا (ڀهريون حصو)، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو (ڇاپو ڀهريون 1991ع)
3. جي ايم سيد، ”جنب گذاريم جن سين“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979ع
4. جي.ايم. سيد، ”ساهڙ جا سينگار“، سيد امداد محمد شاهہ دادو 1969ع
5. سنڌي نصاب (لازمي) نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄام شورو 2001ع
6. صوفي لاڪوفي، عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، 1995ع
7. لغاري حيدر علي، ”اندر ملھہ اَملھہ“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1998ع
8. قاضي فيض محمد، ”سورن سنڌي سيچ“، 1970ع